حصو (ب) (مختصر جواب جا سوال)

نوٽ: هيٺين سوالن مان ڪن به 9 سوالن جا جواب ڏيو. هر سوال تي 04 مارڪون رکيل آهن.

سوال 2 پاڻ سڳورن ﷺ اسلامي برادريءَ بابت ڪهڙو ارشاد فرمايو؟

سوال 3 حضرت سلمان فارسي رضي الله تعاليٰ عنه حق ۽ سچ جي ڳولا لاءِ ڪهڙيون ڪوششون ڪيون؟

سوال 4 سنڌ جي ثقافت جي اهم سوکڙي ڪهڙي آهي؟

سوال 5 سليم ۽ ارشد ڊاڙيلن جو خاتمو ڪيئن آندو؟

سوال 6 نصرپور ڪهڙن هنرن جي ڪري مشهور هو؟

سوال 7 بادشاهه ٽيون پيرو خواب ۾ ڇا ڏٺو؟

سوال 8 هيٺين لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو.

مکيه _ جابلو _ سهڪار _ هاڪ

سوال 9 هيٺين لفظن جا ضد لکو.

ولادت _ ڪمال _ انتها _ قدير

سوال 10 "حرف جملو" جي تعريف مثال ڏيئي لکو.

سوال 11 *تفريح گاهه لفظ تفريح جي پٺيان گاهه پڇاڙي ملائي ٺاهيو ويو آهي. اوهان اهڙا بيا چار لفظ ٺاهيو*

سوال 12 شاعر هاريءَ کي ڪهڙي دعا ٿو ڪري؟

سوال 13 هيٺين لفظن جا جمع لکو.

ڪپڙو _ مورت _ هلڪو _ سوکڙي

حصو (ج) (تفصيلي جواب جا سوال)

نوٽ: هيٺين سوالن مان ڪن به 3 سوالن جا جواب ڏيو. هر سوال تي 08 مارڪون رکيل آهن.

سوال 14 هيٺين مان ڪنهن به هڪ تي مضمون لکو.

هنر دولت آهي _ اسان جو پيارو وطن

سوال 15 هيٺين مان ڪنهن به هڪ شعر جي سمجهاڻي لکو.

(الف) لٽي سڄ عيان پنهنجو جوڀن ڪرين ٿو

سحر تائين هر جا نشيمن ڪرين ٿو!

(ب) وٺ جان ۾ دل سان خاڪساريءَ جي واٽ

نوڙي هل جي توکي بلندي گهرجي!

سوال 16 توهان پنهنجي پيءُ کي خط لکي گرمين جي موڪلن ۾ ڪوهه مري گهمڻ جي اجازت وٺو.

يا

پنهنجي اسڪول جي هيڊ ماسٽر / هيڊ مسٽريس کي درخواست لکي عرض ڪريو ته اسڪول ۾ ڪرڪيٽ ٽيم ٺاهڻ جي اجازت ڏئي.

سوال 17 هيٺين مان ڪنهن به هڪ شاعر جي زندگي جو احوال لکو

سليم ڳاڙهوي _ محمد صديق مسافر

سوال 18 شاعر موجب نفرت جي پرچار جو ڪهڙو نتيجو نڪري ٿو؟